SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1975
# SINDH ORDINANCE NO.I OF 1975
# اولهه پاڪستان ڪاٽن ڪنٽرول (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1975
# THE WEST PAKISTAN COTON CONTROL (SINDH SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1975

## (CONTENTS) فهرست

(Preamble) تمهيد
(Sections) دفعات
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 26 جي تبديلي
Substitution of Section 26 of W.P Ordinance XX of 1966
3. 1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 27 جي تبديلي
Substitution of Section 27 of W.P Ordinance XX of 1966

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1975
# SINDH ORDINANCE NO.I OF 1975
# اولهه پاڪستان ڪاٽن ڪنٽرول (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1975
# THE WEST PAKISTAN COTON

## CONTROL (SINDH SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1975

[16 جنوري 1975]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن آرڊيننس کي اولهه پاڪستان ڪاٽن ڪنٽرول (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1975 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 26 جي تبديلي
Substitution of Section 26 of W.P Ordinance XX of 1966

2.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ چاٽايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 26 لاءِ هيٺيون متبادل هوندو:

(ڪپهه جي قيمت طئي ڪرڻ) "26.(1) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي ڪپهه يا ڪپهه جي ٻج جي ڪنهن به قسم جي قيمت ڪنهن به ڪاٽن مارڪيٽ يا چاٽايل علائقي ۾ مقرر ڪري يا طئي ڪري سگهي ٿي.

(2)جيڪو به ذيلي دفعه (1) تحت جاري ڪيل نوٽيفڪيشن جي ڀڃڪڙي ڪندو ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ٻن سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو پنجويهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.".

1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس

| | |
|---|---|
| 3.چاٽايل آرڊيننس ۾، دفعه 27 کي ساڳئي دفعه جي ذيلي دفعه (1) طور نمبر ڏنو ويندو ۽ ذيلي دفعه (1) طور نمبر ڏيڻ بعد، هيٺين ذيلي دفعه کي شامل ڪيو ويندو: "(2)جيڪو به ذيلي دفعه (1) تحت جاري ڪيل نوٽيفڪيشن جي ڀڃڪڙي ڪندو ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ٻن سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو پنجويهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.". | XX جي دفعه 27 جي تبديلي<br>Substitution of Section 27 of W.P Ordinance XX of 1966 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**